سنت مالا

١٦٧٣-١٦٧٤

مارچ، ٢٠١١

وشنوءَ جو اِوتار

گيانيشور

(٤)

٦ رپيا

واسواڻي

وشيہ سوُچِي

سمرپن

مڪتا بائيءَ

جي ڪمل قدمن ۾!

پرستاونا

سنت ”گيانيشور“ جي جيون چرتر ۽ سکيا بابت ٣ ياڱا اَڳيئي نکتا آهن- هينئر هي ياڱو (۴) نکري ٿو.

گيانيشور ڪوي هو، ڀڳت هو، برهم گياني هو ۽ سنت هو. ولايت جي پرسڌ پرش ”دانتي“ (Dante) عجيب ڪوي هو، پر ڇا درشن ۾، ڇا نرمل جيون ۾، گيانيشور اُن کان ڪيڏو نہ مٿي هو.

اُتر هندستان ۾ گيانيشور ڪيترن هنڌ ويو ۽ وڃي آسيس ڏنائين. گيانيشور سان گڏ هو نامديو. ۽ ٻئي گڏجي پنڍرپور موٽيا. پنڍرپور ۾ شري ڪرشن جو سندر مندر آهي ۽ پنڍرپور وڏو تيرٿ آستان آهي- پنڍرپور ۾ گيانيشور چوينو تہ:- ”جيڪر هاڻ آلندي ڳوٺ ۾ پهچان، ڇو تہ پياس اٿم دنيا مان هليو وڃان، وڏيڪ نہ ترسان.“ گيانيشور آلندي ۾ موٽي ٿو: ساڻس گڏ نامديو بہ آهي. اُت ٻئي ۽ سندن ڪيترا پيارا بہ راتيون جاڳن ٿا، ۽ ڪيرتن ڪن ٿا، ٽئين ڏينهن گيانيشور پنهنجي گروءَ کي چويٿو:- ”گرديو! هينئر آگيا ڏيو تہ مان دنيا مان هليو وڃان!“ گيانيشور ٽِين رات بہ ڪيرتن ڪري ٿو ۽

(٢٨)

آتش جا اُلا

آلنديِ نگر تيرٿ آستان ڪري ڄاتو ليکجي. آلنديءَ ۾ گيانيشور پنهنجا پراڻ ڏئي ڇڏيا. پوءِ هن نگر ۾ ايڪناٿ آيو ۽ اَچي گيانيشور جي سماڌيءَ اڳيان سر جهڪايو. ڪي سال پوءِ هڪ داني پرش ديش‌مک آيو؛ هن داني پرش ڪيترو خرچ ڪري اِن سماڌيءَ مٿان هڪ سندر مندر ٺهرايو. اڃان تائين اُهو مندر آهي. ڀڳت تڪارام به اِن آستان تي اَچي پنهنجو سر جهڪايو!

هن نگر ۾ گيانيشور ڀڳوت گيتا تي ٽِيڪا لکي. اِنهيءَ پستڪ کي مان ساهتيه ۾ هڪ عجيب پستڪ ڪري ٿو سمجهان! گيانيشور گيتا جيِ ساکي ڏني: ڪيترا سندس برخلاف ٿي بيٺا! گيانيشور ڏٺو ۽ هن سَنو! جي ڏسن سي سهن! هن جي برخلاف آلندي نگر جي ڪن ماڻهن منصوبو بنايو؛ هن تي ڪوڙيون تهمتون ننڍڪن مڙهيون: گيانيشور صبر ۾ سنو! گيانيشور پنهنجو محبوب ڏٺو جو آهه مکڻ ماکيءَ کان به مٺو!

آلنديءَ ۾ گيانيشور ستسنگ کولي ڇڏيو: ست سنگ وچي

ڪيرتن ڪندي پراڻ تياڳ ڪري ڇڏيو. سياڳو گيانيشور! وچي نام ۾ نواس ڪري ڇڏيو. آلنديءَ ۾ اَڄان تائين گيانيشور جي سماڌي آهي- اُن سماڌيءَ تي ڪي سال ڏيا ته مان ويس: اُت مون وڃِي سر جهڪايو ۽ سنتن جي آسيس لاءِ پڪاريو!

هڪ هنڌ گيانيشور چويٿو ته :- ”پريو آهي سڄ! پر عجب هيءُ آهي ته آسمان جو سڄ مايا جيِ دنيا پرڪاش ڪريٿو: پر آتمڪ سڄ مايا جي دنيا گم ڪريٿو، ۽ جڳياسوُ جي اَندر جوت جڳائي ٿو. ۽ آتمڪ سڄ جا ڪرڻا چت جي آرسيءَ تي ڪِرن ٿا ۽ سنساري جيون جا ٻيلا خاڪ ڪن ٿا. هي سڄ ڏينهن رات ڪان آهي پري: ڏؤندن ڪان پري، شپ يا اَشپ ڪان پري، ڪئن نه روشني ۾ هيءَ آتمڪ سڄ پيو چمڪي! اِها روشني آهي جوت اَبناسي!“

شل اِها جوت اَبناسي هن داس جي ۽ اَوهانجي جيون ۾ چمڪي، چمڪندي رهي!

واسواڻي
پونا

”انتهڪرڻ جڏهين اَستر آهي تڏهين پيو سڀ ڪجهہ وسري وڃي! ايڪاگرتا سان پاڻ کي پريوءَ جي چرنن ۾ ارپن ڪري پاٺ ڪريو!“

اِئين شل اسين پاٺ ڪرڻ سکون ۽ روز گيتا جا شلوڪ اُچاريون يا شروع ڪريون!

ٿو وڏندو! ڪيئن نہ اچن ٿا؛ پائرن پينرون ۽ ڪيئن نہ ڏيان ۾، سانت ۾ ٻڌن ٿا، پيئن ٿا اِڪ اِڪ اکر. جڻ تہ گيانيشور وينو امرت ڏئي ۽ ست سنگي وينا پيئن! نندڪن ڪي ڪاوڙ تہ گيانيشور کي ڪيئن ٻاهيون؟ پيا چون تہ گيانيشور کي جي اِئين چڙي ٿا ڏيون تہ آسان کي تہ شهر ۾ ڪير پڇندو ئي ڪين!'' اِڪ رات اَچي گيانيشور جي گهر کي باهہ ڏين ٿا. نندڪ پيا سمجهن تہ گيانيشور هاڻ سڙي ويندو. پر راکي رام تہ ماري ڪوُن؟ گيانيشور وينو گيتا جو پاٺ ڪري؛ باهہ وڃي وڌندي؛ گيانيشور اَڏول ٿيو وينو آهي. شيون وڃن سڙنديون، باهہ نزديڪ پيئي اَچي! هي پيارو تہ وينو آهي؛ صدق ۾ پيو پاٺ ڪري! چوگرد آتش جا اُلا آهن؛ گهر سڙي وڃي ٿو ۽ شيون پيون سڙن؛ پر گيتا نٿي سڙي، نڪي گيانيشور! سچو گهر ڪِري پوي ٿو؛ پر گيانيشور جي پرم پيارِي گيتا؛ تنهن کي باهہ نٿِي ڇهي. باهہ جي وچ ۾ گيانيشور وينو پاٺ ڪري! گيانيشور گيتا کي معمولي پستڪ ڪري ڪين ٿو سمجهي. اَوتاري ٻاڻي ڪري ٿو سمجهي. گيانيشور چوندو هو تہ ''گيتا جي شلوڪن جو پاٺ ڪريو، پر هڪ ڳالهہ ضروري آهہ تہ پاٺ ڪرڻ مهل من جي چنچلتا پري ڪريو!''

گيانيشور سيکاريو تہ: ''استر اَنتهڪرڻ سان پاٺ ڪريو، پڙهو يا ٻڌو!'' هڪ دفعي ڪانئس سوال ٿا پڇن تہ ''سائين! ڪيئن خبر پوي تہ انتهڪرڻ استر آهي؟'' گيانيشور چويٿو:-

گيانيشور چوي ٿو تہ ٻن ڳالهين تي گيتا زور ڏئي ٿي:- (١) موھہ ۾ نہ ڦاسو! جو اِنسان موھہ ۾ ڪِريل آهي، سو دنيا ۾ ڪِريل آهي. نرموهي پيار ڏيو. شري ڪرشن اَرجن کي چوي ٿو:- ”هي اَرجن! توکي موھہ آهي؛ اِهو موھہ ڇڏ!“

هڪ پريوءَ جو پيارو هو. هن کي چڱو عهدو هو. ڪيس سڪيلڌو پٽ هو .اِهو پٽ ننڍيءَ عمر ۾ هليو ويو ٿو. پتا برڌ اوستا ۾ ۽ پٽ نوجوان هليو ويو ٿو! ڪيترائي پتا وٽ اَچن ٿا ۽ دک ظاهر ڪن ٿا؛ پر هڪ هڪ جو وٽس اَچي ٿو تنهن کي پتا مٺائيءَ جو ڪُنو ڏئي ٿو ۽ هڪ هڪ کي چوي ٿو تہ:- ”ستگر جي مهر مونتي آهہ. اِها زنجير بہ ڪپيائين!“ هن پتا پٽ واسطي موھہ ڪپي ڇڏيو. نرموهي ٿيو! جيسين موھہ آهي، تيسين اَوهين دُکہ ۾ آهيو. موھہ کي ڪپيو! ۽ (٢) ٻي هڪ ڳالهہ جا جڳہ کي جيتڻ لاءِ ڪپي سا آهہ:- ”اندرين تي ظابطو“. ڪيترا چون ٿا تہ:- ”اندرين جي ڀوڳہ ۾ ڏاڍو مزو آهي!“ ڪيترا اِندرين جو رس وٺن ٿا. پر هڪ ٻيو رَس آهي. جي اِهو رَس وٺو تہ اِندرين جو رس وساري ڇڏيو. اِهو رس آهي برهم رس، رام رس! شري ڪرشن چوي ٿو تہ:- ”يوگي ٿيو! ڀوڳِي نہ ٿيو!“ رام رس پيئو! برهم رس پيئو!

رام رس پيِئا ڙي
جهہ رس بسر گئي رس اَوُر
رام رس پيِئا ڙي!

(۲۹)

رام رس پيئو

گيانيشور چوي ٿو:- ”گيتا آهي شبد برهم جو پرڪاش!“ گيتا مان برهم جو ”شبد“ پيو اَچي. اَسين ٻڌون ڪين: ڇو تہ اَسان جو روح ڪُليل نہ آهي. جي اَسانجيِ روحانيِ زندگي کلي، تہ جيڪر اَسين بہ ٻڌون. شبد برهم آهي پرڀوءَ جي ٻاڻي. گيانيشور جي سمجھہ تکي هئي ۽ گيانيشور چويٿو:- ”گيتا ۾ ٿي چمڪي پرڀوءَ جي ٻاڻي، برهم جو شبد!“ دکہ جي ڳالهہ آهي تہ اَڄ ڪالهہ ڪيترن لئہ گيتا هڪ معمولي پستڪ ٿيِ پيو آهي. پر گيانيشور چويٿو تہ ”گيتا اُهو سمجھندو جو نرمل ٻڌيءَ سان پاٺ ڪندو! تنهن لاءِ ضروري آهي تہ سنسار کي وساريو. گيتا جو پاٺ ڪريو تہ ٻيون سڀ ڳالهيون وساريو.“

گيانيشور چوي ٿو:- ”گيتا آهہ سنسار کي جيتڻ جو شاستر“. هن وقت اَسين دنيا جا غلام آهيون. هن وقت سنسار اَسانکي جيتي ويئو آهي! هن وقت ڪال جا ٻڌا ٻانها آهيون. ڪال جا داس نہ ٿيو! اَڪال پرک جا داس ٿيو! ڪال جي پرجا نہ ٿيو! هي شاستر گيتا مليو آهي تہ اَسين ڪال کي جيتيون: پر ڪيئن جيتيون؟ گيتا جي سکيا اِنهيءَ بنسبت ڪهڙي آهہ؟

اَچوا ڪوٺين جي ٻهاريءَ سان صفائي ڪريوا ڪپڙا ڌوئي اَچوا ۽ پاٺي پري اَچوا“

هڪ ڏينهن ياترين جي ٽولي اَچي پنڌرپور مان لنگهي تي: ڪاشيءَ ڏي تي ويئي. جنديو ۽ سندس استري ستيوتيءَ کي خبر پويٽي. ٻئي تہ گهر مان بيزار آهن، ۽ ٻئي وڃي تا ياترين کي گڏجن، چي:- ”اسين بہ تيرٿن تي تا هلون، ڪاشيءَ“ پنڊلڪ جي زال کي خبر پويٽي: يڪدم پنهنجي پتيءَ کي چويٽي تہ:- ”اسين بہ تا ياترا تي هلون!“ ڪيس ڏپ تہ متان سس سهرو ڪسڪي نہ وڃن! پنڊلڪ ۽ سندس زال گهوڙا پاڙي تي ڪن تا: يڪدم وڃي تا جنديو ۽ ستيوتيءَ کي پڪڙين، چو تہ هو تہ پنڌ پئي هليا. جنديو ۽ ستيوتيءَ جي دلين ۾ ڏڪڪو اَچي ٿو. پر چا ڪن؟ لاچار آهن. روز شام جو ٻنهي کي چون تہ:-
”وڃي گهوڙن جي مالش ڪريو ۽ اَسانجا هنڌ وڇايو!“

هڪ رات ڏاڍي اونڌه هئي! ياتري اَجان ڪاشيءَ کين پهتا آهن. ياترين چيو تہ:- ”هيءَ رات هلي تا هن نزديڪ آشرم ۾ گذاريون.“ اِهو آشرم ٻيلي ۾ هو. آشرم کي ڪوٺيندا هئا:- ”رشي ڪڪست سواميءَ جو آشرم.“ رشي سين کي آشرم ۾ ٽڪائي ٿو ۽ سين کي کاڌو پهچائي ٿو. سڀيئي ڏاڍو ٿڪل آهن ۽ جلدي سمهي پون تا. فقط پنڊلڪ جاڳي پيو. ڪيس ننڊ نٿي اَچي. هنڌ ۾ پيو پاسا ورائي. پرڀات جو چا ٿو ڏسي؟ ڪي اِستريون آهن: شڪل ۾ سهڻيون: پر سندن ڪپڙا ميرا: آشرم

(۳۰)

پنڌرپور

نامديو کي پنڌرپور مندر ڏاڍو پيارو هو. گيانيشور سان گڏ نامديو ياترا تان موٽيو ۽ پنڌرپور ۾ گيانيشور کي ٽوليءَ سميت وٺي آيو ۽ اُت مندر ۾ سڀني گڏجي ڪيڏي نہ اُتساهہ ۾ ڪيرتن ڪيو! پنڌرپور هڪ ڳوٺ جو نالو آهي. ڀيما نديءَ جي ڪناري تي آهي. پنڌرپور هڪ تيرٿ آستان هو ۽ آهي. اُن آستان تي شيام جي آسيس هيٺ هڪ مندر ٺهيو جت هن وقت سال بسال هڪ وڏو ميلو لڳندو آهي. اُهو مندر ڪيئن ٺيو تنهن بابت هڪ سندر ڳالهہ چيل آهي.

پنڌرپور ۾ هڪ براهمڻ رهندو هو: سندس نالو ''جنديو'' ۽ اُنجي اِستريءَ جو نالو ''ستيوتي.'' کين هڪ پٽ هو جنهنجو نالو ''پنڊلڪ'' هو. جڏهن سورهن سالن جو ٿيو تڏهين کيس شادي ڪرايائون. اِها شادي نہ ٿي پيئي بربادي.

پنڊلڪ پنهنجي زال جي اَثر هيٺ ويو پتا ۽ ماتا کان منهن موڙيندو: نيٺ سندن بي عزتي ڪرڻ لڳو ۽ کين وڏيڪ وڏيڪ تڪليف ڏيڻ لڳو- ٻئي وڏيءَ عمر ۾: تڏهين بہ سندن پٽ ڪانئن زوريءَ ڪم چڪڻ لڳو چي:- ''جنڊ ۾ ڪٽڪ پيهي

۾ سيني ڪان سندر استري چوي ٿي:- ”ياتري اَچي ٿا نديءَ ۾ اِشنان ڪن ۽ پاڻيءَ کي مٺلو ڪن. اُنهن جو ميل اَسانجن ڪپڙن کي ميرو ڪري ٿو. پر روز جڏهن اَسين اَچي هن آشرم ۾ هن رشيءَ جي شيوا ڪريون ٿيون تڏهن اَسانجي ڪپڙن جو مٺل هليو وڃي ۽ اَسانجا وستر وري برف وانگر اڇا ٿي پون. ڪيترائي ياتري آيا آهن: اَچي نديءَ جي پاڻيءَ ۾ اِشنان ڪيو اٿن. پر تو جهڙو گنهگار مون ڪونه ڏٺو آهي. اي پنڊلڪ! ياد رک تہ جو پٽ پتا ماتا جي شيوا نٿو ڪري ۽ کين هلاڪ ٿو ڪري اُن جهڙو مها پاپي ٻيو ڪونهي!“

اِهي اَکر پنڊلڪ جي دل اَندر گهڙي وڃن ٿا. سندس دل بدلجي وڃي ٿي. پنهنجن پاپن جو پڇتاءُ ڪري ٿو: زارون زار روئي ٿو. ٻئي صبوح جو پتا ماتا جي چرنن ۾ ڪِري پوي ٿو، معافي گهري ٿو ۽ کين وينتي ڪري ٿو تہ:- ”مهرباني ڪري مون سان پنڌرپور موٽي هلو!“

ٻن گهوڙن تي پتا ماتا کي وهاري ٿو. پاڻ ۽ سندس زال گهوڙن پرسان پنڌ ڪندا هلن ٿا، گهر پهچن ٿا ۽ ڪئن نہ ٻئي جنديو ۽ ستيوتيءَ جي شيوا ڪن ٿا!

هڪ ڏينهن شري ڪرشن اَچي ٿو سهڙي! پنڊلڪ جي جهوپڙيءَ وٽ اَچي ٿو. اُن وقت پنڊلڪ وينو ماتا پتا جي شيوا ڪري. شيوا ۾ مگهن آهي. اَچي کيس چون ٿا:- ”ڪرشن جهوپڙيءَ وٽ آيو آهي“. پر پنڊلڪ چويٿو:- ”ڪرشن ترسي!

اَندر اَچن ٿيون؛ ڪي ويهي ٿيون ٻهاريون پائين؛ ڪي پاڻي پري ٿيون اَچن؛ ڪي رشيءَ جا ڪپڙا صاف ٿيون ڪن. سڀ ڪم اهڙو آهستي ڪن ٿيون جو ننڊ ۾ سُتلن کي ڪابہ خبر ڪانہ ٿي پوي. ڪم ڪري اِهي سهڻيون اِستريون رشيءَ جي ڪوٺيءَ ۾ وڃن ٿيون، اُتان ٻاهر اَچن ٿيون؛ پنڊلڪ جي سامهون لنگهن ٿيون. پنڊلڪ عجب ۾ پيو؛ آيون ميرن ڪپڙن ۾ وڃن ٿيون صاف چمڪندڙ ڪپڙن ۾ هِي آيون آهن. ڪير آهن؟ پر ڪن ۾ آشرم کان ٻاهر وڃن ٿيون ۽ ڪن ۾ اونڌه ۾ گم ٿي وڃن ٿيون.

ٻئي ڏينهن ياترين چيو تہ:- ”هاڻ نڪرون ياترا تي.“ پر رشيءَ کين موڪل نہ ڏني. چيائين:- ”هڪ رات وڌيڪ ضرور ٽڪو!“ ياتري خوشيءَ سان ٽڪن ٿا. قدرت جو نظارو سندر آهي؛ وڻن جي ڇانو ٿڌي آهي؛ مٺي هوا پيئي لڳي؛ اڳيان تلاءَ آهي؛ تلاءَ ۾ ڪمل گل پيا چمڪن! هن رات بہ ياتري جلدي ڪائي پي سمهي پون ٿا. هن رات بہ پنڊلڪ کي ننڊ نٿي اَچي. هنڌ ۾ پيو پاسا ورائي. پريات جو ڏسي ٿو تہ ساڳيون سندر استريون آشرم ۾ اَندر گهڙي اَچن ٿيون؛ سندن ڪپڙا ميرا؛ اَڪيون پيبيون چمڪن. ڪونيون صاف ڪن ٿيون؛ پاڻي پرين ٿيون، رشيءَ جي ڪوٺيءَ اَندر وڃن ٿيون، پوءِ ٻاهر اَچن ٿيون؛ سندن ڪپڙا برف وانگر اڇا. پوءِ پنڊلڪ پرسان لنگهن ٿيون. سندن چرنن ۾ پنڊلڪ ڪِري پويٿو ۽ پڇي ٿو تہ:- ”اوهين ڪير آهيو؟“ اُنهن

”مان جلدي پنڌرپور ۾ وڃان ۽ اُت شيام جي چرنن ۾ پراڻ ڏيان.“ هڪ ڏينهن اُنهيءَ مندر ۾ پنهنجي پياس بابت نامديو کي ٻڌايائين. گيانيشور شيام کان پڇيو ۽ شيام جو حڪم ڪيس آيو تہ:- ”تون پيارا آلنديءَ موٽ! ۽ پنهنجا پڇاڙيءَ جا ڏينهن اُت گذار!“ گيانيشور اُنهيءَ حڪم موجب آلنديءَ موٽيو ٿو: اُت پنهنجا پراڻ ڏئي ٿو. اُن ڏينهن برسات پيئي پوي. هرڻ جي کل تي وهي ٿو. سندس اَگيان ڪائين جي باھ پيئي ٻري، باهہ ڏي پيو نهاري: وڃي پيو وڏيڪ بيهوش ٿيندو: سماڌيءَ ۾ وڃي ٿو: ۽ پنهجا پراڻ ڇڏي ٿو. سال بسال آڪٽوبر مهني ۾ گيانيشور جي مورت آلنديءَ مان پنڌرپور هڪ پالڪيءَ ۾ کڻي ويندا آهن. هزارن جي تعداد ۾ تيرٿ واسي ڪنا ٿين ٿا، ۽ سندن وشواس آهي تہ اُن وقت شري ڪرشن پاڻ اُن پالڪيءَ سان گڏ آهي ۽ ياترين سان پنڌ پيو ڪري ۽ پالڪيءَ ۽ ياترين سان گڏ پنڌرپور پهچي ٿو ۽ پنهنجي آسيس سڀن کي ڏئي ٿو. ڪيڏو نہ صدق! پنڌرپور کي ڪوٺين:- ”آنند ڌام!“ ڪلاڪن پنيان ڪلاڪ سانده ياتري پنڌرپور جي مندر اَگيان وهن ٿا ۽ ڪيرتن ۽ ڀڄن ڪن ٿا. ڪيرتن ۾ ۽ ڀڄن ۾ وريِ وريِ هي ٻہ نالا پيا پڪارين:- ”گيانوبا تڪارام! گيانوبا تڪارام!“

جيستائين مان پنا ماتا جي شيوا پوري ڪريان.“ پنڊلڪ هڪ پٿر ٻاهر اُڇلائي ڏنو ۽ چويائين:- ”شيام! هن سر تي بيهه چيستائين مان واندو ٿيان. هن وقت مان پنا ماتا جي خدمت ۾ آهيان.“ ڪرشن ته آهي نماڻو، سدا سد نماڻو. اِنهيءَ سر تي ٻاهر بيٺو آهي! پنڊلڪ پيءُ ماءُ جي شيوا ڪري جنهن وقت واندو ٿئي ٿو اُن وقت يڪدم ٻاهر وڃي ٿو ۽ شيام جي چرنن ۾ ڪري پوي ٿو! شيام ته بيٺو آهي سر تي: پنڊلڪ کي شيام مٿي ڪري ٿو، پنهنجي ٻاجهه ٻانهن ۾ ڀاڪِي پائي ٿو ۽ چويس ٿو: ”پنڊلڪ! ڊپ نه ڪر! ڌنيواد توکي: تو پنا ماتا جي ويڻي شيوا ڪئي جڏهن مان آيس: هن تنهنجي موڪليل سر تي مان ترسيس، جيسين تون اَچين! هينئر آيو آهين! ڌنيواد! تون پنهنجي پنا ماتا جو ڀڳت، تون آهين منهنجو ڀڳت پيارو! اَڄ ڏينهن کان وٺي مونکي هن نالي سان ياد ڪر: ”وٺوبا“ معنيٰ ”جو سر تي بيٺو.“ ”ڌنيواد! پنڊلڪ! ڌنيواد!“

اِنهيءَ آستان تي پنڊلڪ مندر ٺهرايو جو اَڄ ڏينهن تائين آهي: اِهو مندر ڀيما نديءَ تي آهي. اُن نديءَ جي ڪناري تي ٻيا به مندر آهن: پر مکيه آهي ”وٺوبا جو مندر،“ جو پنڍرپور نگر جي وچ ۾ آهي. اِن مندر ۾ نامديو جي سماڌي به آهي. اِن مندر ۾ هزارن جي تعداد ۾ تيرٿ واسي سال به سال ڪنا ٿين ٿا، اِنهي پوتر آستان تي جت شيلم پاڻ آيو پنڊلڪ جي درشن واسطي. گيانيشور ڪجهه وقت اُت رهيو. سندس پياس هئي ته:-

بيلي جي وڻن ۾ سڳنڌ نچي.
جڏهين چندن وڻ تن وچ اَچي.
تيئن سنگت ۾ هڪ ڀڳت وهي
تہ ڀڳتي رنگ ۾ هڪ هڪ رچي.
هڪ اَڀنگ ۾ چانگہ ديو کي چوي ٿي تہ:
سنسار جي مانَ کان جو منهن نا موڙي
سو پاڪي پيو لهرن ٻوڙي.
سنسار ندي وَهي تکي
وڏا وڏا کيرائي ڪرين دکي
هيءَ زندگي تہ اَٿيئي فانِي
چو تو وچائين؟ وٺ رحم روحاني!
وچ اَندر اَندر ڏس نشاني
گر ڪرپا اَٿئي لاثاني!
گر ڪرپا بن آه جيءُ ڪِريو؛
گر ڪرپا سين ساگر پار ترِيو!
هڪ ٻئي اَڀنگہ ۾ مکتا ٻائي چانگ ديو کي سمجھائي ٿي.
سک پيارا! سانت جي ٻاٽي
وٺ سانت ۾ رحم روحاني!
ننڊ نہ ڪر تون نينهن نماڻي
اَندر رک تون اُڪير اَباڻِي
ٻڌ اَنحد شبد ٿيءُ نهال

(٣١)

مکتا بائي

مکتا بائي، گيانيشور جي ڀيڻ هئي،- سڪيلڊي ڀيڻ. گيانيشور ڪانپوءِ جلدي مکتا بائي به پرلوڪ پڌاري. ۽ ڪئن نه ويئي؟ ڪهڙو نه تڪڙو؟ ڪيرتن ويني ڪري: بجليءَ جو چمڪو ٿئي ٿو: مکتا بائي پنهنجي ڌام، جوتي ڌام، وڃي ٿي.

چانگه ديو، اُن زماني جو هڪ هٺ يوگي هو. گيانيشور جو شش ٿئي ٿو. چانگه ديو کي سکيا مکتا بائيءَ ڏني. مکتا بائي ۽ گيانيشور جو گرو هو سندن ڀاءُ نورتي ناٿ. هڪ گيت ۾ چوي ٿي ته نورتيءَ جي ڪرپا مونکي سڄاڳه ڪيو! هڪ ٻئي هنڌ چوي ٿي ته نورتي ناٿ جي ڪرپا ٿي. نديءَ جو ڪنارو، جنهن جي وسيلي مان تري آيس ۽ بندر پهتس. هڪ سندر گيت ۾ پاڻکي ماکوڙيءَ سان ڀيٽي ٿي "هيس هڪ ماکوڙي پر مون تي ڪرپا ٿي ۽ سج متي چڙهي ويس! ڏينهن ڏني، چوي، ٿي مونکي درشن مليو چنڊ جي نرمل جوت جو ۽ رات جو ڏٺم سج جي روشني." اِڪ ٻئي گيت ۾ چوي ٿي ته:-

(٣٢)

سکيا

گيانيشور جي سکيا ٿورن اکرن ۾ جيڪر هن طرح رکان:-

(١) سچي وديا آهه برهم وديا. پريوءَ کي ڄاڻڻ آهي گيان؛ پريوءَ بنان سڄي سنسار جي وديا آهي اگيان.

(٢) برهم گيان آهي ڀڳتي ۽ برهم گيان آهي سُوروپ سڃاڻڻ.

(٣) جو چوي ٿو تہ سرير منهنجو آه يا ٻار، اِستري، ڌن منهنجا آهن سو وساري ٿو تہ اِهي آهن ڪال جي چنبي ۾.

(٤) پر اُنهن جي موه ۾ گهڻا اَٽڪيل آهن، جيئن طوطو پڃري ۾ اَٽڪيل آهي.

(٥) سرير کي سڪائڻ مان ڇا مليو؟ اَسانکي ڪپي تہ من تي سوپ پايون. چت شانتي ڪپي. سا ايندي ڪين، جيستائين گر ڪرپا نہ ملي آهي. ضروري ڪونهي تہ گهر ٻار ڇڏيون ۽ ڪم ڪار ڇڏيون پر ضروري آهي تہ گر ڪرپا وٺون.

(٦) گرو، سچو گرو آه آنند ڀنڊار، آهہ پيار جي کاڻ. سچو گرو شش جي ڪري سنڀال، آهي سندس رکپال!

پراڻ جي سوُتي ٻَڌُ من جا خيال!
تہ رنگہ بي رنگي ٿين تون لعل
۽ پائين وچين تون پد اَڪال!
مکتا ٻائيءَ جي ٻاڻيءَ ۾ ميران جو رس آهه ۽ تاج جي ڀڳتي
آهه ۽ رابيئا جو برهم درشن آهه!

تو بن ناهي ڪو پيو، ڪو پيو!“
هڪ سندر شلوڪ ۾ ڳائي تو:-
”هت پرديس ۾ پيارا! ڇو؟
ڪيو اَتيئي مونکي ڦٽو؟
اَتم پياس: پڪاريان پيو توکي!
ڪر مهر! اَچي مل مونکي!“
”ڪڪر پيو ڏيائي،
هوا پيئي ڳائي:

تنهنجو نام!

نہ چمپڪ، نہ چندرما
وڻن دل کي تو بنان!
گلن جي هيءَ باري
تو بن باھ ياڙي!
مَنا گيت ڪوڪل پيو ڳائي:
پيو برندڙ گهرن جيان جلائي!
آرسيءَ ۾ نهاريان،
نہ تو منهن سجاڻان!
اَهڙي حالت آھ منهنجي:
اهڙي سيڪيت آھ تنهنجي!
جيئڻ تي پيو آھ جنجال!
ڪٿي آهين منهنجا رکپال؟

(٧) نام جو ڌيان ڪريو! نام، وديا ۽ اوديا کان مٿي آهه. نام آهه پرم خزانو، پوتر خزانو. پرهلاد پريوءَ جو نام پڪاريو ۽ پريوءَ اَچي سندس رکيا ڪئي. نام ڌروءَ کي، گجيندر کي ۽ اَجاميل کي ۽ واليمڪيءَ کي سنسار مان پار لنگهايو. جو نام جپي ٿو، اُن جا جبل جيڏا پاپ بہ ناس ٿي وڃن ٿا. پريوءَ جي ڀڳتن جو ڀوڄن آهه اَمرت نام. يوگين جي شڪتي آهه اَننت نام. هردي اَندر نام مالا ڦيريو! جو ائين ڪري ٿو سو ڏسي ٿو تہ سارو جڳت هڪ سائينءَ سان ڀريل آهه.

(٨) جيئين سج کي آڪاس جو ليپ نٿو لڳي تيئن سنتن کي ڪرمن جو ليپ نٿو لڳي. نرڌنيءَ کي سون ملي تہ ڪيڏو نہ خوش ٿئي! اُن کان بہ وڌيڪ آنند اُن کي ملي ٿو جو سنتن جو درشن ڪري ٿو.

(٩) پياس رکو! گيانيشور هڪ هنڌ چويٿو:-

”جڏهن پياسي پڪاري:- ”پاڻي پاڻي!“
تڏهن اُچ اُتم بڌان تنهنجي ٻاڻي!“
هڪ ٻئي هنڌ چويٿو:-
”هي ڪپڙو تہ ڦاٽي ويو،
ڏي هاڻي ڪرپا جو ڪپڙو!
اُتم ڪين جنهن سان ڍڪنهان؛
رحم تنهنجو ٿو پنان!
تڏهن ڏڪان پيو، ڏڪان پيو:

اَتم ڪانہ چنتا: ڪجھ نا گهران،
پيو روز اَمرت پيالو پيئان!
سچدانند سُوَروپ ۾ اَتم چت لڳو:
دک پاپ پرم پولو سڀ ڀڳو!
ويدن جو خزانو مون مليو
آتمڪ گيان اندر کليو!
بنڌن جنمن جا ٿيا خلاص:
آپو ويو: ٿيس گروءَ جو داس.
ٻڌي ۽ ٻوڌ ٻئي هڪ ٿيا:
پراڻ سڀ رحم ۾ رهيا!
اکين اندر اکيون کليون:
آنند ڇولون اندر ڇليون!
هينئر جت ڪٿ ڏسان برهم آهہ:
گروءَ ٻتائي روحاني راه!
گروءَ مونتي ڪيو اَحسان:
دويہ درشٽيءَ جو ڪيائين دان!
ايشور جو سرمو اکين اوتيائين
گيان گنگا ۾ اشنان ڪرايائين!
گر ڪرپا آنءُ ڪئن وساريان!
دم دم گروءَ کي دل ۾ نهاريان!؟

عرضي منهنجي ڪين اَگهائين:
مرضيءَ جو مالڪ تون آهين!
تنهنجي حڪم اَڳيان سر جهڪايان:
بي پرواه حاڪم: اَڳيان تو نمان!
(١٠) گروءَ بن سڀ اَنڌڪار! هڪ گيت ۾ گيانيشور چويٿو:-
”هوس مندو، بڇڙو، بدڪار:
اَوديا اونڌه ۾ گرفتار!
ڪيچ ڪين تي ڏسي مان سگهيس:
نڪي پيرن سان تي چُريس!
نور تيءَ گروءَ جي ورتم شرڻ:
گروءَ مون وهاريو هيٺ هڪ وڻ!
اوديا سموري تي منهنجيِ دوُر:
چمڪيو اَچي ڪٿن نوراني نوُر!
سپاڳو تيس مون مليو گرو گيان!
سپاڳو تيس مون مليو نام ڏيان!
ڪرمن جا بنڌن سمورا ڪٽيا:
پرم پولا سپيئي منهنجا ٽُٽا!
منورٿ منهنجا ٿيا سي پورا:
اندرين جو اَرٿ ڏٺم سڀ ڪوڙا
هينئر هڪ شيام ور ور ٿو ڳايان:
گروءَ جي ورڪ هيٺ وشرام پايان!

ڪري ٿو. پوءِ گروءَ جي تلاش ۾ وڃي ٿو. وشوبا کي گرو ڪري ٿو. وشوبا تہ گيانيشور جو شش هو. نامديو نئون ٿي پويٺو. پنڌرپور موٽي ٿو. اُت ڏينهن رات شيام جي ڪيرتن ۾ گذاري ٿو.

هڪ ڏينهن هڪ ڪتو اَچي ٿو: نامديو جي روٽيءَ جو ٽڪرو کڻي وڃيٺو. نامديو اُن ڪتي جي پنيان ڊوڙون پائي ٿو: وڃي پڪڙيس ٿو ۽ چويس ٿو:- ”پيارا! هي ڏڏ بہ کاءُ!“ پنڌرپور ۾ اجان تائين نامديو جو گهر ڏيکاريندا آهن. هڪ وڏوا جي ڳوڙهن سندس جيون ۾ ڪيڏو نہ ڦيرو آندو. پڇتاءَ ۾ پنهنجو سر قتل ڪرڻ تي هو: پر کيس شيام جو آواز آيو: انهيءَ آواز چيو:

”معافي تو ڏيان ٿو: نہ مار! نام!
شرڻ وٺ تون منهنجي، اَچي پاءِ وشرام!“

نامديو ڳوڙها ڳاري ٿو: شيام جو ڀڳت ٿئي ٿو: ڪيرتن ڪري ٿو: اَينگہ اُچاري ٿو: عجيب گيت ڳائي ٿو:-

”اچ تون تہ ٽڪڙو، راجن! سوامي!
نہ تہ وينديس وينديس آنءُ اُجهامي!
اَچي ڏي کو آٿت، نہ تہ وينديس مري!
منهنجا شاهہ سلطان، هردي جا هري!
پرم پيارو آهين
اِڪ تون ئي آهين!
عجب تنهنجو پيار

(٣٣)

نامديو: نينهن ۾ نيارو!

گيانيشور جو پيارو هو ڀڳت نامديو. پرم ڀڳت هو. گيانيشور کانپوءِ ٥٤ سال هن چولي ۾ رهيو. درزي جو پٽ هو: پر پنهنجو گهڻو وقت ”ڪيرتن“ ۽ ڀڳتي“ پرچار ۾ خرچ ڪيائين. سندس نالو پري پري پکڙجي ويو. پنجاب ۾ سندس يادگيريءَ ۾ مندر آهي، ۽ گرو گرنٿ صاحب ۾ سندس ڪيترا شبد چڙهيل آهن. ١٢٧٠ سال ۾ سندس جنم ٿيو ۽ گهڻا سال پنڌرپور ۾ گذاريائين. ويدن ۽ پراڻن جو ابياس ڪيائين: پر وشرام نيٺ شيام جي چرنن ۾ پاتائين!

ڪيترائي منا گيت شيام جي چرنن ۾ اَرپن ڪيائين. سنت هو ۽ ڪوي هو. شروعات ۾ سندس جيون دکدائڪ هئي. هڪ ڏينهن هڪ مندر ۾ ويو ٿو: هڪ عورت ڏسي ٿو: اُن کي ٻار آهي، پيو روئي. اُنکي ماتا پيئي ڇينيي. نامديو پڇي ٿو:- ”هي ٻالڪ پيو روئي: سبب ڪهڙو؟“ ماتا چويٿي:- ”هي منهن جو لعل: پر آهي ٻڪايل: مان وڏوا آهيان. نام ڏاڪوءَ منهنجي پتيءَ کي خون ڪيو!“ اِهي اکر نامديو جي دل اَندر گهڙي وڃن ٿا: چويٿو:- ”اِهو ڏاڪو تہ مان آهيان.“ بس! يڪدم پنڌرپور وڃيٿو ۽ پنهنجي جيون شيام جي چرنن ۾ اَرپن

(٣٤)

گيانيشور جو گروُ

گيانيشور ۽ مکتا بائي جو گروُ هو ”نورتي ناٿ.“ هن پياري کي هڪ ست پرک ”گئنيناٿ“ سکيا ڏني. اهُو زمانو ڀارت جي تواريخ ۾ ظالم زمانو هو. اُن وقت اَفغانن جي حڪمراني هئي. هندن جي حالت هيٺي هئي، ڪيترا نہ قتل ٿي ويا. گئنيناٿ، ناسڪ نگر جي نزديڪ نوري ناٿ کي مليو ۽ اُت اُنجي روحاني شڪتي ڪوليائين. گئنيناٿ ڏٺو تہ زمانو ظالم هو. نورتي ناٿ کي هڪ ڏينهن پاڻ وٽ ڪوٺي چوي ٿو:- ”پيارا! ڳجهي سکيا، گيان توکي ڏنو اَٿم: اها سکيا شنڪر وٽان آئي آهہ. هيءَ سکيا وڃي ڦهلاءِ! لوڪ دکي اَٿيئي! ملڪ ۾ ظلم اَٿيئي! هن سکيا جي وسيلي وڃي دکين جي شيوا ڪر!“

گيانيشور کي نورتي ناٿ لاءِ عجيب شرڌا هئي! پنهنجي پستڪ ”گيانيشوريءَ“ ۾ گيانيشور چوي ٿو تہ:- ”سنسار مان مونکي پار اُتارڻ وارو آهي گرو: اکين ۾ سرمو پوي تہ اکيون پوري طرح ڏسي سگهن؛ منهنجي اَندر گيان جو سرمو وجهڻ وارو، گرو! منهنجي جيون جي وڻ کي پاڻي ڏيڻ وارو گرو: نرمل

ڪٽين منهنجو سڀ بار!
سڀ دک ٿين دور:
اچي چمڪي تنهنجو نور!
ويئي سڀ ٻيائي
چت شانتي آئي!
جئن مکہ جي دل
ٿي چاهي گل
تئن من منهنجو
ٿو چاهي سنگ تنهنجو!
جي ٻاهہ ۾ ڪِري ٻار
ڪئن نہ ماتا ڪري سنڀار!
منهنجي ماتا تون آهين:
تون ئي ٻاهہ ۾ بچائين!
اڪيلو اَنت ڪال
اِڪ تون ئي رکپال!
اِڪ توکي چاهيان
تنهنجا چرڻ شال پايان!
ترشنا نديءَ ۾ لڙهندو وڃان
ٻنان تو ٻئي ڪنهن کي پڪاريان؟
اِڪ تو ئي تارو اَچي مونکي تار!
پنهنجن ٻاجهہ ٻڌل کي اُتار!

هڪ ڀئي هنڌ گيانيشور چويٿو:- ”تنهنجو ٻالڪ آهيان: پڳل اَکر اَٿم، تن سان ڪريان تنهنجي آرتي! معاف ڪر! مونکي معاف ڪر! چاتڪ پکي آهيان: مکہ ۾ وجهہ تون مهر جي مينهن جا ڪي ڦڙا! مهر ڪرين تہ واري بہ سون ٿئي! اَکر منهنجا ڪين آهن: مان تہ آهيان طوطو! جئن سيکارين تئن اُچاريان.“ وري ٻئي هنڌ چويٿو:- ”منهنجي دل جي مندر ۾ گورديو آهي! تنهن ڪري منهنجو هڪ هڪ پراڻ پيو گيت ڳائي!“

جل ۾ اِشنان ڪرائڻ وارو گرو: اَمرت پيارڻ وارو گرو: ڪرپا ڏيڻ وارو گرو: گر ڪرپا آهي پارس: گروءَ جو ذڪر ڪيئن ڪريان؟ ڪافور جي سڳنڌ ڪير وڌائي سگهي؟ موتيءَ جي جوت ڪير وڌائي سگهي؟ تئن گروءَ جي مهما ڪير ڪري سگهي؟ بهتر آهي سانت ۽ سانت ۾ گروءَ جي چرنن ۾ سر جهڪائڻ!“

گيانيشوريءَ ۾ گيتا جي ۱۲ اَڌياءَ جي ٽيڪا ۾ گيانيشور لکي ٿو:- ”منهنجي گورديو نورتي ناٿ جي هڪ نهار اندرين جي نانگ جو ڏنگ ڪڍي ڇڏي ٿي. گروءَ جي ڪرپا ڪيئن ٿي اَچي؟ جئن ٻوڏ! پوءِ سنسار جي گرمي ڪين ساڙي! گر ڪرپا آهي جنني جا جڳياسوءَ ڪي دل جي پينگهي ۾ لوڏي ٿي ۽ جنني وانگر جڳياسوءَ اَگيان جوت جي آرتي ڪري ٿي ۽ روحاني مٺيا پائي ٿي! گر ڪرپا آهي ڪير! گر ڪرپا اُٿاري ٿي انهت شبد ۽ سماڌيءَ ۾ وني وڃيٿي. جئن جڏهن سج اُڀري، ته چنڊ جهڪو ٿئي، تئن جڏهن گروءَ جي جوت جاڳي ته سنسار جي وديا سڀ جهڪي ٿي وڃي! گروءَ جي مهما اکرن ۾ ڪئن اَچي؟ گروءَ جي مهما ته سو ڪري ٿو جو سانت ۾ گروءَ جي چرنن ۾ سر جهڪائي ٿو.“ وري ”گيانيشوري“ جي ۱۵ اَڌياءَ ۾ گيانيشور چوي ٿو:- ”شل دل کي آسن ڪريان: اُت گروءَ جا چرن رکان ۽ گروءَ جي چرنن تي پيار جا پشپ چاڙهيان ۽ گروءَ جي چرنن تي چندن هاريان ۽ آپو ساڙي، دين مسڪين ٿي ٿي چرنن جي آرتي ڪريان ۽ چرن پڪڙيان!“

(٣٥)

گورا ڪنڀار

گيانيشور ۽ نامديو جي ياترا وقت هڪ ٻيو ڀڳت به پريوءَ جو پيارو حاضر هو جنهن لاءِ سڀن کي ڏاڍي عزت هئي. اُن کي ڪوٺيندا هُئا ”ڪنڀار“: سندس نالو هو ”گورا.“ ١٢٦٧ ۾ سندس جنم ٿيو. عمر ۾ نامديو ۽ گيانيشور کان وڏو هو. ڪيترا ڪيس ڪوٺيندا هُئا:- ”ڪاڪو گورا.“ تردوڪي نگر ۾ رهندو هو. ڪنڀار جو ڪم ڪندو هو: سندس چت شيام جي چرنن ۾ لڳل هو. ڪيرتن ڪندي مستيءَ ۾ چڙهي ويندو هو: هڪ دفعي پنهنجي پٽ جي به ڪيس ڪَل نه پيئي ۽ ڪيرتن جي جوش ۾ پٽ کي لتاڙي ويو. شيام ۾ سندس صدق عجيب هو: چوندو هو. ”شيام منهنجو يار آهي ته ٻڪ ۾ مان ڪئن مرندس؟ جنهن کي پارس آهي، اُنکي غريبيءَ جو ڏپ ڪهڙو؟ جنهن اَمرت پيتو آهه، اُنکي موت جو ڏپ ڪهڙو.“ پنڊرپور ۾ وري وري وڃي شيام جي مندر ۾ پوڄا ڪندو هو. هڪ دفعي هيءُ، گيانيشور ۽ سندس گروُ نورتي حاضر هئا. نامديو جي ڪيرتن ۾ شامل ٿيا ۽ سڀ ڪجهه وساري وينا ”شيام! شيام!“ ڳائيندو. ڪيترا ڪيس چوندا هئا. ”جيون مڪت.“ هن ڪنڀار ڪيتريون دليون ناهيون ۽ شيام جي شيوا ۽ پوڄا لاءِ تيار ڪيون. گورا سياڳو!

سوُچنا

پياري پاٺڪو،

اَڄڪلهه پني ۽ پرنٽنگ جا خرچ ۽ پڻ ٻيا خرچ ڪافي قدر وڌيل آهن. اِن ڪري ڪو به پائي يا پيڻ هن شپ ڪاريه ۾، ڊونيشن جي روُپ ۾، خوشيءَ سان پئسا موڪليندو ته سويڪار ڪيا ويندا، پر اِن لاءِ ڪنهن به قسم جو ڪو به ٻنڌن ڪين آهي.

جنهن به گهر ۾ سنتن جي ٻاڻي پڙهجي ٿي، اُن گهر تي پريوءَ جي آسيس چمڪي ٿي ۽ واهگرو برڪت جا ڀنڊار ڀرپوُر ڪري ٿو. شل توهان تي ۽ گهر جي هڪ هڪ ڀاتيءَ تي ۽ توهان جي ڪمن ڪارين تي دادل شاه جي آسيس چمڪي، چمڪندي رهي!

جيڪڏهن توهان جو چندو پورو ٿي چڪو هجي ته ڪرپا ڪري نئون چندو موڪليندا.

مَنري آرڊر يا ڊرافٽ هيٺين اَڊريس تي موڪليندا:

Sant Mala, Sadhu Vaswani Mission,
10, Sadhu Vaswani Path, Pune 411 001. (India)

چندي جا نوان اَگهه هن ريت آهن:

For India
Yearly Subscription Rs. 30/-
For Four Years Rs. 100/-
Life Membership Rs. 1000/-

For Foreign: (By Air)
Yearly Subscription $10 USD
Life Membership $ 200 USD

Editor : Shri A.M. Vaswani (Phone: 40064447)
Published by: Sadhu Vaswani Mission
Owned by: Sadhu Vaswani Mission
at 10, Sadhu Vaswani Path, Pune - 411 001
Typeset & Printed By S. P. Shahani at
WAHGURU ENTERPRISES
B-9, Parmar Trade Centre, Sadhu Vaswani Chowk, Pune -1.

DECLARATION UNDER PRESS ACT FORM IV
SANT MALA

1. Place of Publication	:	10 Sadhu Vaswani Path, Pune - 411 001.
2. Periodicity of its Publication		Monthly
3. Printer's Name	:	S. P. Shahani
Nationality	:	Indian
Address	:	B-9 Parmar Trade Centre, Sadhu Vaswani Chowk, Pune - 411 001.
4. Publisher's Name	:	Sadhu Vaswani Mission
Nationality	:	Indian
Address	:	10, Sadhu Vaswani Path, Pune-411 001.
5. Editor's Name	:	A. M. Vaswani
Nationality	:	Indian
Address	:	10, Sadhu Vaswani Path, Pune-411 001.
6. Name & Address of individuals holding more than one percent of the capital	:	Sadhu Vaswani Mission, 10, Sadhu Vaswani Path, Pune-411 001.

I, A.M. Vaswani, hereby declare that the particulars given above for the year ending 28-2-2011 are true to the best of my knowledge and belief.

Date:
28th Feb. 2011

Sd. A. M. Vaswani
Signature of Editor

Editor : Shri A. M. Vaswani (Phone 40064447)
Published by : Sadhu Vaswani Mission
Owned by : Sadhu Vaswani Mission
at 10, Sadhu Vaswani Path, Pune - 411 001.
Typeset & Printed By S. P. Shahani at
WAHGURU ENTERPRISES
B-9 Parmar Trade Centre, Sadhu Vaswani Chowk,
Pune - 411 001.

R.N.I.MAHSIN/2001/6085 PNCE/172/2009-2011

سنتن جي جيون چرتر تي
دادا واسوانيءَ جا پستڪ

١. شري جپ صاحب اُپديش (ٽي ڀاڱا:٨٥٨ پيج)	١٠٠ رپيا
٢. نوُريءَ جي نهار: اَنجليءَ جي پڪار (پڪي جلد سان)	٤٠ رپيا
٣. شري سکمني صاحب (ارٿ واد) (پڪو جلد)	٣٠ رپيا
٤. شريمد ڀڳوت گيتا (پڪو جلد)	٢٥ رپيا
٥. شري جپ صاحب (ارٿ واد) پڪي جلد سان	٢٥ رپيا
٦. نوُرِي ٻاٽِي (پڪي جلد سان)	٣٠ رپيا
٧. دادا واسواڻِي: سندس شبدن ۾	٨٠ رپيا
٨. ڀارت جي نئونرماڻ جو منهنجي اَکين ۾ سپنو	١٠ رپيا
٩. موت: اننت جو دئار	١٠ رپيا
١٠. ٻگڙي بناني والا	١٠ رپيا
١١. حاضران حضور	١٠ رپيا
١٢. مکڙيون	١٥ رپيا
١٣. فقير فرانسز	١٠ رپيا
١٤. ڦرن فقير ويچارا، صورت لئہ سوين سڪن ٿا	١٥ رپيا
١٥. ميران مستانِي	١٠ رپيا
١٦. نوُريءَ سان گفتگو	١٥ رپيا

پستڪن جي لسٽ ۽ ٻِي لکپڙه لئہ لکو:-

Manager, Sant Mala,
10, Sadhu Vaswani Path, POONA - 411 001. (India).